ڙنا اهول

(ڪلام)

صوفي علي محمد فقير ٽالپر

جيجل پبليڪيشن جو ٻيو ڪتاب

رتن امول

شاعري

صوفي علي محمد فقير ٽالپر

سهيڙيندڙ

خادم جلالي

ڇپائيندڙ

جيجل پبليڪيشن

ٽالپر وڏا

اسٽيشن ميهاربان ضلعي خيرپور ميرس سنڌ

(هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ آهن)

ڇاپو: پهريون — جون ١٩٨٢ع

ڪاپيون: هڪ هزار

ٽائيٽل: فتاح هاليپوٽو

ڇپيندڙ: سجاد پرنٽنگ پريس راڻيپور

ڇپائيندڙ: خادم جلالي، جيجل پبليڪيشن ٽالپر وڏا
اسٽيشن سيٺارجا ضلع خيرپور سنڌ

قيمت: ١٥-٠٠ روپيه

ملڻ جو هنڌ

جيجل پبليڪيشن، ٽالپر وڏا
اسٽيشن سيٺارجا، ضلع خيرپور ميرس (سنڌ)

"**Rattan Amol**" Poetry of Soofi Ali Mohammed Fakir Talpur. Printed at, Sajjad Press Ranipur. Published by Khadim Jallali, Compiler of Jeejal Publication Talpur wada, Distt: Khairpur, Sind

ڏسڻي

صفحو	مضمون	نمبر
	مهاڳ	
١	پيش لفظ	
٢	تعارف	
١٠	شجرو	
	ڀاڱو سنڌي	
١٢	آءُ ته ملا اڄ عيد ملهايون	
١٣	اکڙيون ڪڻين آرام ڪن	
١٤	آهي سدائين عاشقن ماتام عشق جو	
١٥	آهي عشق حسن جو رنگ عجب	
١٦	اي رفيقا حال منهنجو ڪهر دلبر کي ڏس	
١٧	ٻلي آيا سڄڻ سهڻا	
١٨	توکي ملڪ حسن جو مير جوان	
١٩	تنهنجي شاهه حسن جي شور ملا	
٢٠	تنهنجي لعل لبن لک مور لٽيا	
٢١	تنهنجي نيڻن ڪيئي نروار	
٢٢	تنهنجا ياد پون ٿا پور ملا	
٢٣	ڄڻ ٿي ته نروار، ڪن ويڙهيا وحدت واڻون	
٢٤	ڄنهل ڪانءُ ٽيس سان ٻيرا ڳهه برن ۾	
٢٥	جتن جا جبل ۾ ڄڻان ڇند ٻيرا	
٢٦	جيجل تن جتن جي، وائي آهي وات ۾	
٢٧	جيجل جتن سان ويو آ روح رلي	

چڙهي اڄ موج مستيءَ جي ۲۸
چڱا لاهوتين لاهي ۲۹
حسن وڃايو آ هوش ۳۰
دلبر توکان ڌار مٺها يار وو ۳۱
ديدن سان ديوان ڪيو آ دار اسان کي ۳۲
درد وارا دلربا، مجنون ڏڻي ماري نه ڇڏ ۳۳
دلبر پاتي دام دلين کي، محفل ڪئين مڪاه ۳۴
ڏي سنيهو يار کي، قاصد وڃي سڏڪي سڏي ۳۵
ڏاڍو تايو حسن جي تاب مونکي ۳۶
ڏٺم دنيا سڄي جاچي، مليو اهڙو نه ۳۷
ڏس مين جي مت منجهائي ۳۸
روئندي لنگهن تا ڏينهن ڏکن ۾ ۳۹
سائين در محمد وٺن دلدار پري ۴۱-۴۰
سائين همدل آ منڌار مٺا ۴۳-۴۲
سانول سيج سڏ وو يار ۴۴
سانگ ڪري سانگيئڙا ۴۵
سور اٿم سڪ سالگين جو ۴۶
سهڻي ساهڙ سان، ٻول ٻڌا ها ۴۷
سيج پلنگ تي ڪيئن سمهان ۴۸
غم درد سودا عشق جو ۴۹
ڪاله ڪيون اهي ڪانگل مونسان، ۵۰
ڪر ڪا همت مل هوت ڏي ۵۱
ڪري ويا سانگ سفر سامي سوداگر ۵۲
ڪوهي حال ٻڌي ڪنهن سان سور سلهان ۵۳
ڪنهن سام ڪيا سي مستانا ۵۴

ڪنهنکي نو ڪولهن ڪوٽ ۾ ٥٥
منور منهن پرين تنهنجو ٥٦
ماري مارن جو فراق عمر ٥٧
مسڪم رات مارن ڏوراپا ڏياري ٥٨
مونکي ملڻون مارن جون، روز مهارون مارن ٥٩
مونکي ملڻن مارن جون، ڳالهيون ڳل ياد اچن ٦٠
منهنجي مارن جو ديو آ ملڪ وسي ٦١
منهنجي ڪهورن سان دل کهائي وڃن ٦٢
منهنجي دلڙي آ دلگير ٦٣
موٽ پرديسي يار ٦٤
ناز نيڻن جي لڙي ٦٥
لاڙي دل جي ڪلي ٦٦
وساري ڇو وڃن ويٺن ٦٧
وسرنو ملڪ مڪان ٦٨
ويلي مارو ماريان سير ور ٦٩
هتئون هاڙهي هل ڙي ٧٠
ياد ڪر تون يار جي عاشق ادا اقرار ڪي ٧١
منقبت يا قلندر وير وارث واهرو ٧٢
بيت ٨١—١٠٢

ڏاڳو سرائڪي

١٠٣
آوے ڍولن يار وے ١٠٤
آ دلبر ڏے دلداري يار ١٠٥
اسان مالڪ هر مظهر دي هون ١٠٦
اناالحق الهندے هون ١٠٧
بلبل ذاتي باغ صفاتي ١٠٨

بے مثال اکھاں تکڑیاں ۱۰۹
تحفہ درد ماہا دلدار گھنون ۱۱۰
تکڑا درد دلبر جسم سارا سکا گیا ۱۱۱
تکڑا وھوا نینھڑا نیاوں ۱۱۲
جاگیا جوش جذب دی جام دھوں ۱۱۳
حسن حملے کر ہزار ۱۱۴
دوست دلہاں دا ول نہیں آیا ۱۱۵
دلڑی اداس مئڈی ۱۱۶
دل ہار زوری گیا ڈگ وے ۱۱۷
دس مئڈی دلدار دلبر کرکا آون دی ۱۱۸
ڈکوا اندر دا ویسوں نال چائی ۱۱۹
ذات صفات دا سانگ بنایا ۱۲۰
رب کھوہاں دی شلا واز بچے ۱۲۱
روز ازل دے لکھوا اساڈا ۱۲۲
سہلے یار سجن دے سانگے ۱۲۳
سہلے یار نہ خبراں ہولاں ۱۲۴
عشق دا تکوا تاپ ۱۲۵
عشق ڈیندا ہے سر دی لتوڑی ۱۲۶
کر نال مسافر ماڑا ۱۲۷
کنہن کون ستاون آزار دلدا ۱۲۸
کھلڈا ناز نیناں دے کمال کیتا ۱۲۹
لٹ لیتا ہے ہوش اساڈا ۱۳۰
نال تساڈی سھڑا سائیں ۱۳۱
نام مولا دے یار پیارا ۱۳۱
نتھ عشق حسن دا نام ڈیندا ۱۳۲

نهون ساعت ماهي ښان سردي ١٣٣

ويس مٺاکي يار پيارا ١٣٤

هر صورت دے وچ يار آيا ١٣٥

قربان سيد تنڌے آوڻ تون ١٣٦

سي حرفي ١٣٥

سي حرفي ١٤٥

بسنت ١٥٣

پاڱو اردو

ارے قاصدا ميں کيا کرون ١٦٠

تيري نظر چمن ميں ١٦١

ميکون مست چشمان ١٦٢

يا علي مشکل کشا عرض سن دلگير کا ١٦٣

پاڱو هندي

يار بازيگر بازي تيري ١٦٥

آپکون ويکھ آئے هون ١٦٦

ايسي مئين هون بجاڳي ١٦٧

جاڳ جيو تم نام صاحب کا ١٦٨

جان جڳت کي جوٺي بازي ١٦٩

سب گھٽ ۾ محبوب ميرا هے ١٧٠

مئين صوفي هون سر مستا ١٧١

سلوڪ ١٧٢

شکر سو پيا ١٧٣

مت اکھنڌ کو چند ١٩٥

کرڪپ مها ١٩٦

وصال نامون ١٩٧

سهاڳ

سنڌ ۾، بي تعصب سوچ ۽ پيار جي روشني، جيڪا شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ روحل فقير ڦهلائي، اڃا تائين ماحول ان جوت سان جڳمڳ جرڪي رهيو آهي. روحل فقير جي سلسلي سان جلال فقير اهم شاعر آهي جنهن ان وڏي ۽ الستي پيغام کي ڦهلايو ــ جلال فقير جي ئي اولاد مان علي محمد فقير ٿيو، جنهن ان لاٽ کي قائم رکيو جيڪا شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف جلائي هئي ــ انهن، لاٽ سان لاٽ ٻرندي رهي. ۽ اها جوت، صدين تائين جرڪندي رهي، ۽ تعصب، وير ۽ فساد جي اونداهيءَ ۾ محبت، امن ۽ رواداريءَ جي روشني ڦهلائيندي رهي.

علي محمد فقير جي ڪلام جي مطالعي سان لڳي ٿو ته جڻ اها روشني اڃا هاڻ ٻري آهي، ۽ اهو وکر هتي پراڻو نه ٿيو آهي. هن گهڻو ڪري روايتي انداز ۾ شاعري ڪئي آهي. ۽ موضوع به روايتي صوفيانه شاعريءَ جا اٿس، پر انهن ۾ وجد آفرين موسيقي، ۽ والهانه انداز، ساڳيو ڪلاسيڪي شاعريءَ وارو قائم رکيو اٿائين.

هو پنهنجي شاعريءَ ۾ سچل سرمست، مير محمد هسباڻي، روحل فقير ۽ جلال فقير کان گهڻو متاثر ٿيو آهي ــ سندس ٻولي مٺي ۽ سهڻي آهي ــ ڪٿي ڪٿي هنديءَ جي آميزش ان ۾ موسيقيءَ جو سٺو تاثر پيدا ٿي ڪري.

اميد ته علي محمد فقير ٿالهر جي ڪلام جي اشاعت، سنڌ جي صوفيائي شاعريءَ جي اهم ڪڙي ثابت ٿيندي.

ضرورت آهي ته ان سلسلي جي سڀني وڃايل ڪڙين کي هٿ ڪري شايع ڪجي، جيئن صوفيائي شاعريءَ جي تاريخ مرتب ڪرڻ، ۽ ان تي تحقيق ڪرڻ وقت ڪو خال موجود نه هجي-

تنوير عباسي،

سرمد جو گهر، خيرپور.

١٦ جون، ١٩٨٢ع

"ٻه لفظ"

مدت مديد کان منهنجي من جي اها مدعا هئي ته مهراڻ جي ماٽيءَ تي جيڪي به اهڙا موتي دنيا جي بي توجهي بيقدري جي هوائن ٽيڙي ٻکيڙي وقت جي گرد هيٺ لڪائي ڇڏيا آهن، تن جا جيڪڏهن ڪٿي به نشان نظرچن ته انهن گوهرن کي گڏ ڪري، چنڊي ڦوڪي، ورس جي ڌاڳي ۾ ترتيبوار پوئي، عالمي شوڪيس ۾ سينگاري، نمائش لاءِ رکان ته جيئن تاقيامت، ضايع ٿيڻ کان محفوظ رهن. ساڳئي وقت، عام وخاص اڳيان انهن مرد ماڻهن جي تاريخ تازي رهي، جن ايڏا جهد ڪري ڪارونهوار جي پاتار مان اهڙا مانڪ هٿ ڪيا، جن دنيا جي جوهرين اڳيان انسان جو ڳاٽ اوچو ڪيو. انهيءَ آرزو جي منزل ڏانهن هي هڪ قدم آهي.

چند امول رتن اوهان جي خدمت ۾ پيش آهن، شال اوهان جي ادبي خزاني لاءِ بيش بها تحفو ثابت ٿين! ۽ انهيءَ ڏس ۾ اڳتي وک وڌائڻ ۾ هن خادم جي همت افزائي ٿيندي رهي. (آمين ثم آمين.)

ٽالپر وڏا
۱۴- اگسٽ ۱۹۷۳ع

نياز مند،
خادم جلالي.

« تعارف »

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله العالمين ، سارا هئان سبحان ،
جنهن قادر ڪن فيڪون سان ، جوڙيو سڀ جهان ،
خلافت خلق جي ڪمائين ، آدم تي احسان ،
تنهن ۾ وڌو روح رحمان ، من روحي "مراد" چئي.

سڀ ساراهه ان ساراهيل سائين کي سونهين! جنهن زمين ۽ آسمان، جانور، وڻ ٽڻ، گل ڦل ميوا ۽ باغ بنايا، ڪروڙين، ملين ۽ ڪاري پاڻيءَ جا بي پايان سمنڊ پيدا ڪري؛ مڇين، مانگرن، سپن، سيسرن، ڪڇ ڪوڏن، ماڻڪن موتين ۽ مرجانن سان سينگاريو. ان سان گڏ ارين انسانن کي گردابن ۾ غوطه زني سيکاري؛ انهن عميق ساگرن جي پاتار ۾ پيل ماڻڪن موتين ۽ لعلن کي ڪڍي ڪري زمين تي ظاهر ڪيو.

ميوا ڪري سمنڊ جي جت جر وهي ٿو جال ،
سوين وهن سر ۾ ماڻڪ موتي لعل ،
جي ماسو ملڻي مال ، ته ٻوڙارا پير ٿئين.

سوين سالن کان سنڌ جي سهاڳڻي سرزمين ۾ اهڙن اڻ ڳڻڪ غيور غواصن کي جنم ڏيندي رهي آهي؛ جيڪي ذاتي معرفت جي سمنڊ مان حقيقي ماڻڪن هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجي صفاتي وجود کان وڃو ڪري، زماني جي لوڙهيندڙ لهرن، ڇاتي ڇهيون ڪندڙ ڇولين کي چوٽ ۾ چاڙهي، حقيقي ڪارونهار جي سڪڻ ۾ ڪاهي پون ٿا ۽ اڪ چنب ۾ جواهرن جون جهوليون، ڀرين ماڻڪ

۽ لکين لعلون سوڀي، در آبدارن جا انبار لاڳي چڱن تا، جنهن جي قيمت ڪو به قابل دماغ ڪاٿو ڪري نٿو سگهي!! جنهن شاهه صاحب جن فرمايو آهي:-

" اي ڪت فراهن ، جهڙن سمنڊ سوجهائون ،
ٻي منجهه پاتار جي ، ماڻڪ موڙيائون ،
آڻي ڏنائون ، هيرا لعل هٿن سين."

ٻيءَ اکري فرمائن ٿا ته:-

" اهي پورهيارا پر ٿيا ، سمنڊ سوو جن ،
آندائون عميق مان ، جوتي جواهرن ،
اماڻون لطيف چوي ، لعلون مان لهرن ،
ڪاٿي قيمت تن ، آهي ساهه سهانگو تنجو."

اهڙن حقيقي ساموندي سوداگرن ۾ صوفي شاهه عنايت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سر مست، بيدل فقير، حاجي خوش خيرمحمد فقير هيسباڻي، صوفي شاهه نصير نوشهرو وارا ۽ ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار صوفي روحل فقير، صوفي مراد فقير ۽ صوفي دريا خان دولهه جهڙا خواص سر فهرست آهن. "اڃا ٻي آهن ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي" جي مصداق دنيا درويشن کان خالي ناهي، سوين سالڪ سگهڙ، ڪامل ولي عارف اڃا به پنهن جي پر ۾ مست مگن، دنيا جي دستورن کان دور، رهتن رسمن کان آجا ۽ معنوي موجن ۾ مستغرق آهن. اهڙن عارفن مان درگاهه صوفي جلال فقير جا سجاده نشين، عاشق الستي، صوفي علي محمد فقير ٽالپر جن به هئا.

خ- خالق دا خيال جن جنها ڪون ، مٿي لڳي نه مايا ،
سي عاشق وحدت وچ ورونڌي ، وسري سندر ڪايا ،
جي ورت نصيهن نيالي ڪيتي ، رات ڪٽي دن پايا ،
روحل رتن اسولڪ ملئا ، پاڪ پراهڪ پايا.

صوفي علي محمد فقير ٽالپر هجري سال ١٣٢٥ بمطابق ١٩٠٦ع

۾ سهڻي سنڌ جي سرزمين تي ضلع خيرپور ميرس جي هڪ قديمي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ صوفي جلال فقير ٽالپر جي فرزند صوفي مير محمد فقير ٽالپر جي گهر ۾ جنم ورتو۔ عربي، فارسي سان گڏ سنڌي تعليم ڳوٺائي مدرسي ۾ ان وقت جي هڪ اعليٰ دماغ مدبر استاد فيض مستجاب جناب قاضي محمد روشن صاحب جن وٽ حاصل ڪئي. مگر جنهن دل جي درياهه جي ازل کان ئي رانجهن يار جي طلب تار جو طوفان ڇولين جي ڇپارن کي ڪوريندو رهيو هجي ته پوءِ ان کي گهر ٻار، مدرسو، مسجد يا وڌن ڪتابن سان ڪهڙو قرار!! جيئن پاڻ انهيءَ حقيقت کي سي حرفي جي انداز ۾ بيان ڪيو اٿن:-

ج: جدائي يار تنڌي، گهر ٻار ڏني ڪار وسار ڏتي،
قرآن ڪتابان پڙهه نه سگهدي، ورد تنڌي نهين وار ڏيتي،
عشق جڏان اذان پڙهڻي، عقل اتان جنگ هار ڏتي،
علي محمد تمام سهڻي دي، ڪشتي يار اڪار ڏتي.

ط: طلب تيڏي طوفان ڪيتان، ڪپ ڪور ڪلهه ڪاولدي هي،
شهر بحر سيپ رهو نظردا، تڙپ، تڙپ جند جاولدي هي،
غم الم فراق ڏني هي دلڙي، ڪونج وانگي ڪرلا وندي هي،
علي محمد دلدار بنان، بي مجلس سوز نه ڀاوندي هي.

تنهن هوندي ٻي طبيعت شعر و شاعري ۽ فقيري حال ڏانهن مائل هئي، تنهنڪري ڪين عشق پاڪ کان ظاهري وڌيڪ تعليم و تدريس، مدرسي ۾ حاصل ڪرڻ جي اجازت نه ملي سگهي.

ت: تنهنڪ لاءِ سر تلقين والا، هي زهد عبادت ڪار نهين،
حج زڪواتان ڇوڙ ڏيتم، تهڏا عشق ڏيندا اختيار نهين،
ڪعبه قبلا پل ڳهوسن، هڪ پلدا سهڻي يار نهين،
علي محمد سرڪ پلائي، سرت والي ڪائي سار نهين.

ڪنڊڙي جي درگاهه، ڪافي وقت کان، حقيقي فيض جو عميق قلزم آهي، جنهن جي پاتار ۾ ادمين معنوي مالڪ موتي موجود آهن، جتان

هزارها مرد ماڻهو معنوي مالڪن جي مايا ٿيا، مرڪندا موٽن ٿا. هي تصوف جي فيض جو در آهي ۽ اتان جي ڪي ههڙ جنگ جوهري، وڏي فقير، روشن ضمير، دريا خان دولهه، معرفت جي مسڪين منکتي صوفي جلال فقير کي عطا ڪيو ۽ کين ڏاڪڻ سنڌ جي اندروني علائقن ۽ راجستان جي رياستن ڏانهن وڃڻ جو حڪم صادر فرمايو. صوفي جلال فقير ڏاڍو ڪشف و ڪرامت جو صاحب، ڪامل ولي، وڏو شاعر ۽ سالڪ درويش ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام عجيب عارفانه نڪتن ۽ عاشقاڻي الٽ پلٽ وارو ۽ ٻولي سان ڀرپور هندي، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ اڃا تائين موجود آهي. ليڪن ڇپيل هيٺ نه اچي سگهيو آهي. صوفي جلال فقير جو هڪ سنڌي بيت عرض آهي:-

جلال جوڳي سي چئجن، جي ٻولي ٻه ٻولين،
مستي ۾ واڪا ڪري دل ۾ وحدت واڄائين،
ڦرو جو سونهن جو، ڪنهن نڪل سان ڦولين،
آهي اندر وڏولين، ٻاهر ڳولين ڪين ڪي.

تصوف جي ٻولي ۾ جوڳي جي تشريح ڪندي فرمائن ٿا:-

جلال جوڳي سي چئجن، جي جهد ڪري جاڳن،
راتيان ڏينهان رب جي، تات تنهن جي تن،
اندر انهن جو اجرو، ميرو نه رکن من،
سهڻي ستار تن، جن کي سٺ سچ جي.

جوڌپور ۽ جيسلمير جا راجا اڳيئي روحل جي روحي رنگ ۾ رتل هئا. تنهنڪري صوفي جلال فقير سائين جا پڪا پيروي ۽ معتقد هئا. سندن لکيل سندون اڃا به صوفي علي محمد فقير جي خاندان وٽ موجود آهن. انهن راجائن طرفان نذراني طور ڏنل باغ اڃا به ڦتل حال ۾ جلال باغ جي نالي سان جيسلمير رياست ۾ موجود آهي ۽ جوڌپور رياست ۾ به جلال فقير جو آشرم آهي. فقير سائين

جن جا معتقد مريد، ڇپلا راجستان کان علاوه پاڪستان جي ٿرپارڪر، سانگهڙ ۽ نواب شاه علائقن ۾ بڪثرت موجود آهن ۽ پشت به پشت انهيءَ ئي عقيدت ۽ احترام سان ساڳيءَ ئي درگاه تي سر بسجود آهن.

صوفي جلال فقير، ظاهري ئي حياتي ۾، تصوف جو اهوئي در آبدار پنهنجي فرزند سالڪ درويش صوفي مير محمد فقير کي عطا ڪيو. صوفي علي محمد فقير تائين به انهيءَ ئي چشمي مان محويت جي مئي جو جلالي جام نوش ڪيو ۽ صفاتي ڪٺل لا جي ڪاتيءَ سان ڪلهن ڪان ڪوري، روحاني رهبر جي قدمن تان قربان ڪري تصوف جي رڱڻي رنگ ۾ رڱي لعل ٿيا. جيئن پاڻ انهيءَ حقيقت کي هن ريت بيان ڪيا ڪن:

ڏي. ذرا ڏهون پساڪ پيالي، چاش هوالا جنهان چڪ ڏٺا،
انهان وانگ منصور منظور سوليءَ ڪر، لعل لهو منهن مک ڏٺا،
اهي چاڙ هميشه حيات هوسن، جنهان ڪات اتي ڪنڌ رک ڏٺا،
علي محمد معلّا عرض اهو، منظور ڪرو ها ربّ مٺا،

پاڻ هڪ هندي شعر ۾ به اهڙو اظهار ڪيو اٿن:-

علي محمد ستگرو، ميرے ڏينو رتن امول،
گيان پري مين ڪوڏڙي، پاکو پرم ڪو پول.

جنهن جو مطلب آهي ته منهنجي مرشد پاڪ علي محمد، هڪ حقيقي املهه ماڻڪ عطا ڪيو آهي! جنهن ڪري منهنجي دل حقيقي روشنيءَ سان منور ٿي وئي آهي. ان ۾ جهڙا به شڪ شبها، غور گمان ها دوئي ڀائي جي اونداهي هئي ختم ٿي وئي. اڳتي هلي ستگوري ٻئي هڪ بيت ۾ چون ٿا:-

علي محمد ستگرو مجهے ايسي بتائي وات،
سڪونهي ڏينهن رات ۾، ڪولسي هيرون هات.

يعني منهنجي مرشد هادي علي محمد، حقيقي هيرن جو دڪان

جو تالو کولي، ان جي ڪنجي سنهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي آهي.

صوفي علي محمد فقير سائين جن، سنڌي، سرائڪي، اردو، عربي ۽ فارسي ڪان نه اڳيئي ڄڻيءَ پر واقف هئا. هندي ۽ سنسڪرت ٻولين سان چوکي چاهه هجڻ سبب ۽ ورثي ۾ ماڻ ڪري انهي ٻوليءَ تي مڪمل عبور حاصل ڪيو. مٿي ڄاڻايل سڀني ٻولين جا ديني، نثري، فلسفي ڪتاب، سالڪن سگهڙن، عارفن جي اقوالن، شعرن ڪلامن جا ڪتاب هر وقت سندن مطالعي هيٺ رهيا.

پاڻ سخي، شجاعت، خوش اخلاقي، ساده طبعي، نرم مزاجي ۽ علم جي بحر هئڻ سبب، عارفن عالمن جي محفلن ۽ سالڪن سگهڙن جي ڪچهرين ۾ هميشه درخشنده ستاره وانگر نمايان نظر ايندا هئا. درگاهه حاجي خوش خيرمحمد فقير هيساڻي جا سجاده نشين همدم موجود عارف باالله جناب درمحمد (دوئم) ۽ جناب غلام فقير، روشن ضمير رتوديره وارا سندن همعصر صوفي شاعر درويش ۽ ڪامل ولي هئا، جن سان وقت بوقت، سندن روح رهاڻ ٿيندي رهندي هئي ۽ پاڻ ۾ شعرن جي ڏي وٺ به ٿيندي هئي. مست مثالي جناب علي محمد فقير سائين جن پنهنجن همعصر درويشن جي ياد ۾ وصال نامه به چيا آهن جيڪي هن ڪتاب ۾ درج ٿيل آهن.

جيئن ته هر آسماني طوطي کي هن خاڪي ديهه جي پڃري جون ديوارون ٽوڙي آزاد ٿيڻو آهي، تنهنڪري پاڻ پنهنجي پرواز جي تياري ڪندي، ظاهري زندگي جي آخري ڏينهن ۾ ڪلام چيو، "موٽ پرديسي يار، پکيئڙا وطن ڪرين وسار." هن ڪلام سان گڏ جيڪي ڪيت ناعياڻون اهي اهڙي طرح هيا.

"طوطا تماشو نه ڏسي، وڃين پڃري ۾ پاهي،
ڇڏي سڪ سائينءَ جا، هت دکي ڪيئہ ديهي،
ڪيئن وساريئي وسلا، وطن کي وهي،
پکي پرڏيهي، وڃ اڏري علي محمد چوي."

نڪري هل ناسوت مان، ڇڏي ملڪ سڀوئي مجاز،
ڏس بيرنگي بزم بقا جو، روحي سرِ روح راز،
قالو بليٰ قلب سين، ٻڌ العطش آواز،
پنج پهرو ڪر پرواز، وڃ اڏري علي محمد حوري.

هن ڪلام ۾ بيتن تيار ڪرڻ وقت پاڻ وصيت فرمائيون ته جنهن وقت اسان جو پاڪ روح پنهنجي اصلي وطن ڏانهن پرواز ڪري ته پوءِ سڄوري فقير ڪي گڏ ڪري اهي ڪلام ۽ دوهڙا جهڙا وڄن ۽ راڳ ويراڳ جي وڏي جلوس ڪان پوءِ منهنجي هن خاڪي ديهي کي دفنايو وڃي! مذڪوره بالا ڪلام ۽ بيتن جي تيار ٿيڻ کان هڪ پهر ڏينهن بعد ۲۲ جمادالاول اربعه ڏينهن سن ۱۴۰۰ هجري ۾ مطابق ۹- اپريل ۱۹۸۰ عيسوي ۾ تاريخ ۱۲:۰۰ وڳي منجهند جو هي افلاطوني پکي هن خاڪي ديهي جي پڃري کي ڇڏي پوري، ابدي عالم ڏانهن پرواز ڪري ويو. جنهن جي ياد هر سال ۹ اپريل تي تازه ڪئي ويندي آهي. سندن شعر ڪلام، بيتن، دوهڙن، ڪافين، سي حرفين، صدڦن سنبتن، هنر، ڏور بيت تي مشتمل آهي، جيڪو سنڌي، سرائڪي، هندي ۽ اردو ٻولين ۾ سهڪاريل آهي. سندن شعر، معرفت جي خاص منزلن (فنافي الوجود، فنافي شيخ، فنافي الرسول، فنافي الله ۽ بقاباالله) جي حدن جي نمايان نشاندهي ڪري ٿو. سندن شعر همه اوست جي رنگ ۾ گهڻو رڱيل آهي. جيئن پاڻ هڪ هندي شعر ۾ فرمائن ٿا، "سب گهٽ ۾ محبوب ميرا هي، ڪو گهٽ ڏيسنت ناهين خالي." يعني هر هنڌ هر جاءِ تي ۽ هر هڪ جسم اندر ۾ الهيءِ حقيقي يار جو ديرو آهي، ڪو به اهڙو هنڌ، ڪا به اهڙي جاءِ نه ڏسجي جيڪا جانب جي جلوه کان خالي هجي!! سرائڪي ٻوليءَ ۾ به اهائي حقيقت هن نموني پيش ڪن ٿا.

"هر صورت دے وچ يار آيا، ڪر جانب سڀو جنسار آيا."

پاڻ جڏهن رندي راه جا مشڪل موڙ ڪٽي، اوکيون چاڙهيون

اورانگھي ۽ اٿانگا لڪ لنگھي منزل مقصود تي مقدس قدم رکن ٿا ته حقيقي خمر جو خمار مٿن غالب ٿئي ٿو ۽ جـوش و جـلال ۾ چون ٿا:-

"مٿين صوفي هون سر مستا ، مهرا ڪون پڇاڻي رستا."

يعني هڪ سر مست صوفي جي ڪي اها همت ۽ استقلال آهي جو انهيءَ منزل تي پهتو آهي. ملان مروڙي جـي ڪهڙي مجال جو انهيءَ اٿانگي رندي راهه جي ڪوچ لڳائي سگهي!.

سندن شعر ۾ دلبر جي ديدار يا وصال جو ڪيف ۽ بيخودي، هجر و فراق، سوزگداز، اڪير ۽ انتظار جي جذبي ۽ احساس جي بيان ڪرڻ جو ڍنگ اهڙو آهي جو پڙهندڙ خواه ٻڌندڙ جي دل و دماغ تي هڪ، وانگر ڇانئجي وڃيٿو. سندن شعر جـي پختگي، رواني، جوڙ جڪ ۽ لفظي بيهڪ قابل داد آهي. سندن ڪـلام ۾ مصري شاهه جي ڪلامن جهڙي جڙاوت، پختگي سوز و گداز آهي. سچل سر مست جي ڪلام جهڙي مستي بيخودي ۽ منصوري آواز جو پڙاڏو آهي.

مطلب ته عاشق الحسني فقير علي محمد سائين جن گذريل وقـت جي عارفين ولين ڏان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نـه هئا، پنهنجي دور جا قابل تعريف، سالڪ عارف، سدا حيات صوفي شاعر هئا.

مرڻا اڳي جي مئا ، مـري تيا نه مات ،
هونـدا سي حيات ، جيئڻا اڳي جي جيا . (شاه)

الاهم صل علي محمد و آل محمد!

شجرہ صوفی علی محمد فقیر



صوفي علي محمد فقير ٽالپر

باڳو

سنڌي

ڪلام

مطلع- آ ته مٺا اڄ عيد ملهايون، پيچ پرِت جا پرچي پايون.

١- ساقي پيارج ڀـر پيمانو، محبت ۾ رهون مست ديوانو،
سوز فراق جا ساز وڄايون، ڳالهيون ڏکن جون گڏجي ڳايون.

٢- حسن ڪيو آ سام سودائي، ڪلي نه پوي ٿي دلبر ڪائي،
برهه بدن ۾ وارهون باهيون، ايڏيون جانب ڪر نه جدايون،

٣- هي جڳ دنيا آ خواب نشاني، يار ملڻ جي ڪر مهرباني،
جيئڻ ۾ ٿورڙي جوڙيو جايون، نينهن جو ناتو تـوڙ نڀايون.

٤- دلبر ڪاڻ اچي دل سان دعوت، الفت ۾ ڪر ڪين عداوت،
ناز تنهنجي جا نوڪر آهيون، لب لبن سان محب مـلايون.

٥- علي محمد عاشق سـارڻ، وعده ڪري وري يار وسارڻ،
اجا ٻه ڪرين تو ارڏايون، الدمن تـي تا سرڙو نماون.

ڪلام

مطلع- اکڙيون کيئن آرام ڪن ، سڪ سوز ۾ سڙنديون وتن ۔
محبوب جي ميلاپ لئي ، راتيان ڏينهان رڙنديون وتن ۔

١- دلبر ويا ڌاڙو هڻي ، اکڙيون منهنجون روئنديون رهيون،
سڪا پرن سڏڙا ڪيون ، سي قرب ۾ ڪڙهنديون وتن۔

٢- اکڙيون پئي اڄ ويون، اوڙاهه اونهي ۾ پيون ،
درد جا دفتر کنيون ، هاڻي پرت مان پڙهنديون وتن ۔

٣- ڪاڏي وڃن سورن سٺيون، ملهل پيئن وهه جيئن ونيون ،
نر ٻر جبل پنڌڙا پنيون ، ڪارا ڪيون ڳڙهنديون وتن ۔

٤- پيغمبر علي محمد ﷺ پهر ، ڪجليون قتل جا ڪن قهر ،
عاشق ڪيئن شام و سحر، ليڙا پائي لڙنديون وتن ۔



ڪلام

مطلع- آهي سدائين عاشقن سادام عشق جو،
ٻه ڪري پيتو جنين، هي جام عشق جو.

١- منصور جان ڄاڻجهي مڃي، ويا رنگ ۾ رانول رهي،
سوريءَ چڙهي ٻاڙن اهي، انجام عشق جو.

٢- شمس ۽ عطار تسي، سرمد جهڙي يار تسي،
صوفي سيد سردار تسي، هنگام عشق جو.

٣- بحر جسي ٻهير ۾، سهڻي ٻڏي ونسي سر پر،
رانجهن ٿيو گم ٻير ۾، ڏسي ڪام عشق جو.

٤- عشق جي آتسي اري، زاريون زليخا پئي ڪري،
قلم لکڻو ڪوڻن تري، حسر سام عشق جو.

٥- آيا ڪشالا قوس تي، پنڌڙا ڪري پرديس تسي،
ليلي سوهو ليس تسي، وجهسي دام عشق جو.

٦- پنهل وطن ويڙو وري، سسئي جبل ۾ تسي جري،
دردن وڏي ڪولي دري، آيو جام عشق جو.

٧- عاقل علم جا پڙهيل، قابو ڏلم ڪهي ڪڍيل،
سر نوڪ نيزي تي چڙهيل، الهام عشق جو.

٨- "علي محمد" حيدار جو، پڙو اهي هي ڏنار جو،
درسن ملي ديدار جو، انعام عشق جو.

ڪلام

مطلع- آهي عشق حسن جو رنگ عجب،
جيڪو ڇاڻ الهيءَ کي ڇاڻي ٿو،

١- صفات وڃائي ذات ٿئي، پوءِ صورت صاف سڃاڻي ٿو،
غمن جو نظر ڪم ڪري، عين اکين ۾ آڻي ٿو.

٢- الله جميل و يحب الجمال، طرف حسن جي تاڻي ٿو،
فثم وجه الله جي قربي ۾، پنهنجو پاڻ سڃاڻي ٿو.

٣- اناالحق جا هٽي هي نعرا، پاڻ ڪمائي پاڻهي ٿو،
لاهي لاڳاپا لوڪ ساري جا، اوڏهين يار اڪائي ٿو.

٤- بشري برقعو پائي دلبر، هرشئي خيال اماڻي ٿو،
"علي محمد" هر مظهر ۾، موج منصوري ماڻي ٿو.

الله جميل و يحب الجمال- الله سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند ڪري ٿو.

ڪلام

مطلع- اي رفيقا حال منهنجو ڪهڙو دلبر کي ڏسي ،
ڪو نہ ٿو ساٿي سُجهي ، هڪ پاڪ پرور ٿو ٻسي ۔

١- روح کي رنجور ڪيو آ ، درد فرقت جي ڦٽي ،
بي قراري آ بدن ۾ ، دلربا ويو دل کسي ۔

٢- ريءَ سڄڻ ڏينهڙا لنگهن ٿا، دم ڏکيا دنيا اندر ،
سال ٿيا ڪڍندي سراسر، ورھ ٿو سر تي وسي ۔

٣- قيس ڀراڳي ڀيو وطن ، قسمت ڪٿي آندو هتي ،
ٿو ڦران در در ديوانو ، خلق ساري ٿي هسي ۔

٤- رب رقيبن کي رلائي ، جن ڪيو جاني جدا ،
راز جا رهتا ڳلن ، دشمن مڙئي موٽ دسي ۔

٥- بي وفا دنيا اندر ، دل وڃي عذابن ۾ اهي ،
"علي محمد" دانهن دل جي ، من ڪا دلبر وٽ رسي ،

ڪلام

مطلع- پلي آيـا سڄڻ سهڻا، مصر جا ماهه ڪنعاني،
وڃا ڏک دور ٿي دل جا، ڏسي صورت سبحاني.

١- هلال- عيد کان زياده، هيا-مون منتظر جن جا،
ٿيا اظهر ســتارن ۾، بمثل- مـاهه ذيـشاني.

٢- هٽي پردو ويو ظلمت جو، شمع روشن نظر آئي،
مٿيا محفل ۾ پ-روانا، ڏسي تنوي-ر نــوراني.

٣- ٽڙيا اڄ ناز پوءِ نرگس، ٿيا سوسن سنبل پيدا،
بهاري ڏسـي پونئرن ۾، ڪري جلوه آيا جاني.

٤- ٿيا خوش باغ ۾ بلبل، وجهائن چنگ ڏـا چهچا،
ڪرڪارن ڪوئل ۽ قمريون، ابر ڪئي آهه احساني.

٥- مبارڪ جو هليو هوڪو، هلي هرجا وصل واڳي،
"علي محمد" اگهي آيا، پرين سوني لعل لاثاني.

هلال" چنڊ (پهرين تاريخ جو) اظهر" ظاهر ذيشاني" وڏي شان وارو ظلمت" اونداهي، تنوير" نور جي لاٽ.

ڪلام

مطلع توکي ملڪ حسن جو مير چوان ،
رخ ماهه تنهنجو مان تفسير چوان ؛

١. وَلعل وسمر وار تنهن جا ، جنگدار جلالي جنسار تنهنجا،
ڪن تا قد ڪرڻ جي ڪار تنهنجا، اهي زلف ڪمند يا زنجير چوان.

٢. تنهن جا نين مبارڪ ناز ڀريا ، ڏسي عاشق ٿيا ڪيئي چور ڀريا،
ڪنا قرب تنهنجي وري ڪين ڦريا، لکين شاهه گدا ڪي اسير چوان.

٣. جلوه جوت حسن جمال مٺا ، تنهنجا ڀونئر پرون خد خال مٺا،
دردان دهن لب لعل مٺا ، آهو عين عجب اڪسير چوان.

٤. تنهنجو خون ڪري ٿو وار ڪاڪل، پي نه نور عجائب آهي نالق ،
موتي مهر ڪيو ٿي محب ملق، ڏاڍي دلبر دل دلگير چوان.

٥. تنهنجي تاب حسن جي ڪڪڙي ذري، ڪيا ملڪ مطيع جن ديو پري،
تنهنجي محبت ۾ ويا ڪئي مور مري، قربدار فراقي فقير چوان.

٦. ”علي محمد“ دلبر سان هجن ، اهي وسندڙ شال وٺان هجن ،
آباد پورل تنهنجا پاڻ هجن ، ترسان شامل شير شبير چوان.

دردان” موتي، آهو” هرڻ.

ڪلام

٩

مطلع- تنهن جي شاهه حسن جي شور مٺا،
منهن جي دلڙي لٽي زورئون زور مٺا.

١ رخ پاڪ تنهن جو مهتابي آ، جلوه جوت عدن در آبي آ،
تنهنجو بدن بهار گلابي آ، تنهنجي نرگس ماريا ڪيئي مور مٺا.

٢- تنهنجا وار ڇوان يا مار ڇوان، تنهن جي اکڙين ۾ اسرار ڇوان،
تنهنجا روز ڏسان تو ناز نوان، ٻي ته عجب ڳليئن تو لور مٺا.

٣- تنهنجي حسن ڪيو حيران سونکي، ٻي ڳالهه وٺي لي ڪلام سونکي،
تنهنجي ڏوهيو ڌرخي پان سونکي، سعو وار صدق تودان گهور مٺا.

٤- ڪنهنجي قاماڻي جو ڪرنه هيس، ديهن دام وڌا تنهنجي دست تيس،
ڏسي صورت تنهنجي سيت تيس، جيئن عاشق چند تي چڪور مٺا.

٥- رک ياري "علي محمد" سان سچي، رنگدي راتمان ڏينهسان ٻون اکڙيون وڃي،
پنهل پور ڪهاه منهنجي اگهي ائين، توسان ڪرلي اندر جي آ اور مٺا.

ڪلام

مطلع- تنهن جي لعل لبن لک ملر لٽيا،
وجهي دام زلف ڪيئي ڳهوٽ گهتيا۔

۱- سلطان سولي سوڻن چاڙهيا تو، پنهن جا واعدا تن سان پاڙيا تو،
ڪيئي سوز فراق ۾ ساڙيا تو، پروان شمع ڪان ڪين هٽيا۔

۲- ڏاڍا شمس، عطار تي بار پيا، صنعان وڏا ڳل جوڙي جٽيا،
اهڙا شمس قتل توکي بار وٺيا، ڪيئي ڀڳن تنهنجي پول پٽيا۔

۳- ڪهڙا عاشق عيش آرام ڪيا، جهڪي مست حسن جي تاب تيا،
مڙيا ڪين ڪنڌن منصور مٺيا، چوري چمڪي چشمن آهر ڇٽيا۔

۴- نا هي عاشق اوڏا عيدن جا، "علي محمد" گهاول ديدن جا،
ڪهڙا ڪنن دڙ ڏهيدن جا، ڪري ڪنڪل قيدي ڪوڙ ڪٽيا۔

ڪلام

مطلع- تنهنجي نيڻن ڪئي نروار، سربون ٽڙ ڏاڙ ڪيا،

١- محبت جي ميدان ۾ عاشق، ڪيترا ڪلنگيءَ دار،
سيفن سنگهار ڪيا.

٢- شيخ صنعان تي پشڪ آيا، بيحد بره جا بار،
جڙن جنسار ڪيا.

٣- هير جي خاطر رانجهن سائين، ترڪيو تخت هزار،
عشق آزار ڪيا.

٤- ذڪريا سر ڪرت وهائي، يوسف مصر بازار،
ورهه واپار ڪيا.

٥- "علي محمد" انهن اکرين جو، چيرهو ڏس چوڌار،
ابر انوار ڪيا.

ڪلام

مطلع — تنهنجا ياد پون ٿا پور مٺا ،
تنهنجي سنگت ڏٺا ٿم سور مٺا .

١- رحمن ڇو ٿـــو سڄڻ ، ڇا ڪـــان ٿيو آن خفا ،
مل محبت مٺا ڪر وعدي وفا ،
آيو ساهه لبن تي يار صفا ،
ايڏا ڪهڙا ڪرين ٿو ڪلور مٺا .

٢- تنهنجون ڳالهيون وتان ڳن ڳائيندو ،
روئي ڳوڙها ڪري ليلائيندو ،
توري ڪير مونکي ٿو پرچائيندو ،
ڏيئي ڏکوا گذاريو ٿا ڏور مٺا .

٣- رهڙل روح تو سان سڄڻ ٿي ته نه پري ،
هي ڳڀ ڳيٺين ٿي روز ڳري ،
اهي حال منهنجو ڏس ڦيلي ڪري ،
ڀري جاڪن ڪٿي آ جور مٺا .

٤- مل "علي محمد" سان ٿالي خدا ،
سڪندي سال ٿيا جانب جدا ،
اڳي اهڙا رسامان ، مون ڪمن هتا ،
ڪاٿي معاف ڪيو قصور مٺا .

ڪلام

مطلع   اڄ تي پتڪوار، ڪن وڙهچا وحدت واڄون ۔

١- ڏٿ ڏاڏاڻا آلــن ڏرهي، لڙهون ڪن وڙهچا ويهي،
لسلسر لعل و نماز، عوش ٿين ڪاڄ ڪنهن جا ڳايون۔

٢- سعي سارنگ موت منڊالا، پڇسا پيرون آلــن اپاٽا،
اڄ ٻس ٻمنـوار، سُرهاساڳ رنڱن ڏٽي رامون ۔

٣- واها لنب وطن جون وليون، ساوا تونگ ٿيا سڀ تليون،
بوٽڻن لاٽي ته بهار، خبرون رات آئي جون آيــون ۔

٤- "علي محمد" اٿي خوشحالي، واري واڳ وطن تي والي،
ڏمسـان ڏٺ ۽ ڏناز، دور ٿين سڀ جهل جدايون ۔

ڪلام

مطلع- پنهل ڪاڻ ٿيس مان ٻيراڳڻ ٻڻ ه ،
ڪهاڻ ڪئن آيو ڪهايل کي ڪهڙن ه .

١- جانب لائي وئين جهوري ، هيءَ ڪمل ڪندي ڪئين توري ،
چڙهي ڇڏي وئين چاڪون چوري ، ونـدر جـــي ورن ه

٢- نتر ڇڏي نماڻي ، ڪري پنهل ڏهو ٻي ،
ڪيان تن ري ڪيئن هاڻي ، جهنگن ۾ جهرن ه .

٣- ذي ڏکيءَ کي دل جو دارون ، پنهل پڇڙي پڪارون ،
له، سجن سگهڙو سارون ، تکيءَ جـــون تـــرن ه .

٤- اک "علي محمد" نون مٺڙا ، ڏيئي ڊيڙو ڏکيندو هتوا ،
روئي ورت وارن ذي هتوا ، ٻڌ پکيءَ ڪـــي ڀـــرن ه .

ڪلام

مطلع: جتن جا جبل ۾ پيچان پنڌ پيرا ،
ڏکن ڪيا ڏکيءَ جي اندر ۾ آکيرا .

١- جتن ڪئي جدائي ، اور ڪل نہ ڪائي ،
جو گهائي ني جائي ، فراق ڏني ڦيرا .

٢- سٽي ڪي ويا ساري ، هو ڪرهن قطاري ،
اوٺين لئي اوساري ، جليا جسم جيرا .

٣- پنهور جا پاڻا ، وڃن ٿا وتا ٿا ،
هاتم اڄ پراڻا ، مسافر لڳي مترا .

٤- سنجهي آن تي جاڳي ، ڪمر لنڌ نپاڳي ،
وطن تي وراڳي ، ساٿي ويا سوهرا .

٥- "علي محمد" آرياڻي ، سد ٿيندو سڃاڻي ،
تنگي تنگ مڃاڻي ، ڪندو پوريءَ پيرا .

ڪلام

مطلع   جهجهل تن ۾ جتن جي،
وائي آهي موٽکي وات وو.

١- ڪيچي ڪاله ڪهي ويا، وڃهي قرب جو ڪات وو.

٢- سورن جي ڏيئي ساهه کي، سڄڻ ويا سوغات وو.

٣- پرزا ڪنديس پاڻ کي، کهوٽ ستاهون گهات وو.

٤- هلندي هوت پنهل ڏني، رڻ ۾ هڙم رات وو.

٥- ولڊر جي ته وٺ ۾، برهه لائي برسات وو.

٦- وڳوڙي لهنديس ور کي، ڏاتـر ڏيندم ڏات وو.

٧- "علي محمد" آيا ارڻ، برهه ڦٽي ارڏات وو.

ڪلام

مطلع- جهول جتن سان، وڃو آ روح رلي،
وڃو آ روح رلي، ڇاڻي پاڪ ملي.

١- ويهان ڪيئن وساري، ڪاراڻو تو ڪاري،
هارڻ ويا سون هاري، ويڙهو جي ڪو جلي.

٢- پينر آن ڙي پوري، آيم ننڊ نڌوري،
ڇڙهي رات ڇوري، ڇانگا ويا ته ڇلي.

٣- ساٿي ويسا سويرا، وڻوڻيان وللر ويرا،
ڪٿي پنهل پيرا، ماڙهي وڃان ٿي ملي.

٤- "علي محمد" آرياڻي، اهي سيد ٿهندم ساٿي،
ٿهندو هيءَ نال نماڻي، ڪندو پورل سب ڀلي.

ڪلام

مطلع: چڙهي اچ موج مستيءَ جي، اونهي منجهه آر آيا سي،
تکي ڪنهن لهر نئو اوڙهي، حسن جي تاب تايا سي.

١- بيابان بحر بيچوني، خورشيد راه آدمي خوني،
گريبان گير گردوني، گهٽا اتي گهوٽ گهايا سي.

٢- ڇڪي ڇولي لئو ڇوره، ٿيا سي ونر نجي ور ور،
ڏنو محبوب ڪر ڪره، اناالحق گيت ڳايا سي.

٣- وجوديءَ ٿون ٿيو ويسارو، هنئوسي ٿينهن جو نعرو،
سيني ۾ سير ٿيو سارو، جنين ۾ عشق ڇايا سي.

٤- "علي محمد" گوهر غازي، کلڻ لا برهه جي بازي،
ناهي جت جاه ملان قاضي، اتي وڃي اهر پايا سي.

ڪلام

مطلع- چڙيا لاهوتين لاهي ، ساهه سري جا سانگا ،
هو رب ۾ ويا پهچي ، نات پنهنجي سان تانگا.

١- سورن سان ٿين سيهڙا ، ڏور جيتيائون ڏيهڙا ،
ڪوڙ ڪلا ڪن ڪهڙا ، برهه ٻاري ڪيا ٻانگها .

٢- توڪل جا ٻڌي تيرها ، سالڪ ڪيائون سب سرها ،
وهه وا حسيني حر ها ، تار تيري ويا تانگها .

٣- چاڪ چشم جي چوري ، جهوري وڌا الهي جهوري ،
گهوٽ متان مر گهوري ، لعل لنگهي ويا لانگها .

٤- تار لڳن ڪا تن ۾ ، محبوبن جي من ۾ ،
رهن بيراڳي بن ۾ ، لنگ هٿي امي لانگا .

٥- علي محمدؑ امي ارهلا ، مولي ڪيڏا امي ميلا ،
ٿا ڪن تي ٿاربلا ، ڪاله ڪهي آيا ڪانگا.

ڪلام

مطلع- حسن وڃائو آ هرش ، تڏهن اچي هت ورهه وسايم .

۱- مخفي هيوس ملڪ انڌيره تي ، رات ڏينهان روپوش ،

۲- تجلي تاب حسن جي تابو ، جاڳي پيئڙم جوش .

۳- ماڻي ماڻ ڪي، سولي چاڙهي ، ڪم نه پيالو نوش .

۴- پهري رنگ سرنگي جاسي ، آهيان خلعت ۾ خاموش،

۵- پيڙي آيس سياه سکڻ جو ، هت درد ڪٽي دل دوش.

۶- "علي محمد" صورت سهڻي ، ڪيو محبت ۾ مدهوش

خلعت- پوشاڪ. دوش- ڪلهو.

ڪلام

مطلع- دلبر تو کان ڌار منهنجا يار وو،

ڏاڍا لنگهن ٿا ڏينهن ڏکن ۾ ؛

١- دردن دور دکسائيا ، برهه ڪيو آ بيمار ۔ منهن جا يار وو۔

٢- سڌڙي لهي وڃ سورهي، واڳ وصل جي وار ۔ منهن جا يار وو۔

٣- ڪانئون سهڻل سکئين ، ڪهڙي واري ڪار۔ منهن جا يار وو۔

٤- راتيان ڏينهان آهي روح ۾، روئي زارو زار ۔ منهن جا يار وو۔

٥- منٺون آيون ماڻ جون ، موانج تون منٺار ۔ منهن جا يار وو۔

٦- "علي محمد" مان روز ازل جا، ٻاڌج قول قرار ۔ منهن جا يار وو۔

ڪلام

مطلع: ڏيڍن سان ديوان، ڪيو آ يار اسان کي.

١- هر صـــورت ۾ سان جڳائي، حيرت ۾ حيران،
ڪيو آ يار اسان کي.

٢- ٻولي اندر ڏس ڪهڙو ٿو ٻولي، محبت ۾ مستان،
ڪيو آ يار اسان کي.

٣- ٻهرنگ پرتم بشري والي، نيڻن سان نيشان،
ڪيو آ يار اسان کي.

۴- جلوه حسن جي جوش جڳائي، پتنگ جان پروان،
ڪيو آ يار اسان کي.

۵- "علي محمد" حيلو هادي، باجهه مجهان بستان،
ڪيو آ يار اسان کي -

ڪلام

مطلع- درد وارا دلربا ، مڙجون ڏئي ماري نه ڇڏ ،
رخ متي واسينگ ورڙها، ور ڏئي واري نه ڇڏ .

۱- راز وارن کان روا ناهي ، منهن لڪائي ڀر مزو ،
بي بها ٻلبن تي ٻرقعو ، ڍول تون ڍاري نه ڇڏ .

۲- رنگ روپ تنهنجي ڀوپ ڪئي، مجنون مثل مستان ڪيا ،
خون تن جا خوبرو ، حملا ڪري هاري نه ڇڏ .

۳- هڪ جام جانب ڏي ڀري ، آسمان جهان اونڌو نه ڪر،
ازلي احسان ايوان ساقي ، عاشق اٿاري نه ڇڏ .

۴- حيران تنهن جي حسن ڪيا ، شمس و قمر تارا ڪتيون،
زلزلو ڏيئي زمين کي ، ڪوٽ سڀ ڪاري نه ڇڏ .

۵- محبوب "علي محمد" ملا ، دم ڍول ڪان نا ٿين ڍلا ،
نوڪر آهيون تنهن جا نلا ، وعدا وساري نه ڇڏ .

مڙجون- اشارا . ٻلبن- اکين . ڀوپ- بادشاهه . نلا- نجا .

ڪلام

مطلع- دلبر ٻائــي دام دلين کي، مهڙي ڪمن مڪام.

١- هوڙ ڪراه ٻنهنجي مصحف منهن جو، لالن ڪمن لڪام.

٢- دنيا عقبيٰ ۾ تنهنجي منهنجي، هوي ڳالهه هڪا.

٣- ڪعبه ابرو آهي ڪعبه منهن جو، ٻيا سڀ فرض ڦڪا.

٤- شمس و قمر سڀ تـارا ڪتيون، ڪيا تنهنجي جهام جهڪا.

٥- "علي محمد" آهي تنهنجي در جو، ڏاري ڪمن ڏڪام.

عقبيٰ- آخرت. ڦڪا- بيڪار. جهام- جهٽ، جهپڙ.
جهڪا- گهٽ.

ڪلام

مطلع- ڏي سنيهو دار کي ، قاصد وڃي سڄڻ سندي ،
حال هيٺا ڪيا هجر ، اينديئن ڪڏهن منهنجي تڏي۔

١- جانب پياري جسام وٽين ، ڏيئي سوز جو سر سلام وٽين ،
سو تو سندي رکي سام وٽين، گولي ملا غم ۾ گهڏي۔

٢- ويٺين وڃي منهنڙو مٽي ، دلڙي ڦقيرن جي ڦٽي ،
هي ء توري ء ڏکيا ڏينهڙا ڪٽي، ڇوري وٽين ڇا ڪان ڇڏي۔

٣- جيڪي تنهنجون چشمن ڇنيون، تن سان نه وڃه ايڏيون وٿيون،
منهنجي روح جون توسان رٿون، ايڏا سڄڻ صدمان نه ڏي۔

٤- ايندا "علي محمد" اڱڻ ، پورن پرت سان پيرا پري ،
گڏجي گذاريندا ڏينهڙا ، ٻيڪڙا ٻکن ساماڻان الآي۔

ڪلام

مطلع ڏاڍو تايو حسن جي تاب مونکي ،
تنهنجي برهه پڙهايا باب مونکي .

١- اهـــا صورت ساڳي سبحاني آ ،
جنهن جـــي حورن ۾ حيراني آ ،
پرين پاڪ تنهنجي پيشاني آ ،
تنهنجو مهنڙو ڏسڻ آ ثواب مونکي .

٢- موهي مست ڪيو تنهنجي محب مسي ،
چرچو چور ٿيس لب لعل ڏسي .
پئي فراق تنهنجي ۾ دلڙي ڦسي ،
وسريا ڪاڻ خوشبوءِ خواب مونکي .

٣- تنهن جي ابد پورل آ شهد ڪيو ،
منهنجو هوش عقل ڪجهه ڪو نه رهيو .
ماري عاشق ڪي ٿا عهد ڪيو ،
ڪهي قرب تنهنجي ڪيو ڪباب مونکي .

٤- اهو "علي محمد" جو عرض اٿي ،
پنهل ڦيرو ڪرڻ موٽڻ فرض اٿي ،
مونکي ماريو جدائيءَ جي مرض اٿي ،
وهي روز اکين مان آب مونکي .

ڪلام

مطلع: ڏنم دنيا سڄي جاچي، مليو اهڙو نه گهايل ڪو،
مگر هن ملڪ ساري ۾، ناهي مون جيئن گهايل ڪو.

١- سڄي محبوب ٻنهي جي سان، ملي هر هڪ پيو عاشق،
ڪلهن ليندو نه مون وانگر، اهڙي ڏک ۾ ڏکايل ڪو.

٢- انهيءَ ڪاهيءَ الله ڦاٿل، لکين قتيل وتن ڦرندا،
ڪاهي سڪ مون جهڙو، سڄي سوري ستايل ڪو.

٣- برهه جي ٻنڌ ۾ ٻانڌي، ڪڙيل ڪاهو ڏنم ڪنهن،
نه هوندو ڪو مثل مون جان، اري منجهه عشق آيل ڪو.

٤- آهن اڄ تائين هوشائن سان، مهربانيون ملامت جون،
شرارت هن شهر جي ۾، ناهي مون جهڙو تپايل ڪو.

٥- "علي محمد" عجبن جا، سڀاڻي هي سور پهي ڪنهن سان،
ملي تو ڪو نه ڪو اهڙي، محبت ۾ ستايل ڪو.

ڪلام

مطلع۔ ڏس ميڻ جي ڀت سنڀائي ، شاهه حسن ڀهازه

١- موسيٰ طور تي نور ڏٺو لئي ، ڪيا ارني جا آواز ۔

٢- محبت ۾ محمود جي اکيان ، آڙيون ڪيون ٿي اداز ۔

٣- يوسف ڪنان زليخا ماندي ، تنهن سڪاريس نماز ۔

٤- صنعان لٿو منجهه صورت سوکهو ، ڏيکارون ٻيڻي دراز ۔

٥- سوريءَ تي منصور کي چاڙهيو ، رمز رنديءَ جي راز ۔

٦- عاقل ديڳ ۾ جان جلائي ، ڏسي زيب النساء جا ناز۔

٧- "علي محمد" کن عرش تي عاشق ، وڃه ڀرين پرواز ۔

ڪلام

مطلع- روئندي لنگهن ٿا ڏينهن ڏکن ۾ ، راتيون ترلي راتيون.

١- سوڏيل هٿي ونئن ساهه سنهڙيون ۾ ، قربن جون ڪاتيون .

٢- آهنجيون اکيون سون ٿيون ، جهڪي ويون تو ماتيون.

٣- ڪجهه انـدر جون ڳالهڙيون ، جن ٿيون ڇـاتيون .

٤- "علي محمد" عشق پڙهـايون ، لا سعديـون لاتيون .

ڪلام

مطلع- سائين در محمد وٽين دلدار ڀري،
اکڙيون روز روئن ڳالهيون ياد ڪري.

١- تو کي روز- ازل کان هو عشق حقي،
لڳي مرض اندر رڳن ۾ ڪا نه ڦڪي،
ڏسي نبض تنهن جي وڏا حڪيم ڏڪي،
اندر آتش جو پيو آزار پري،

٢- آئين سانگ ڪري، پرديسي ٻڪي،
ڳجهي رمز واري مٿا سام رکي،
ماڻهي موج منصوري سردار سهي،
هٿئون حيدر جي پهتي جام پري.

٣- پهنجا وعدا ڪين وساريا تو،
هر نوع نظر سان پاريا تو،
ڏاڍا ويرنگي رنگ ڏيکاريا تو،
ڪيئي هنڌڙا پشاور ذوق ذري.

۴- جڏي وطن ورين پرديس وڃڻ ،
زاريون زور ڪيم ڪا منت مڃن ،
هر ٿالهرن سان ڀيرو پڄن ،
دلڙي ڪٿڻ نه ٿي روز ڪري .

۵- تنهن جي صورت ڏٺي سهڻا سال ٿيا ،
هيڻا حيرت ۾ منهن جا حال ٿيا ،
لهي لڙڪ اکين مان لال پيا ،
وري ڪڏهن وصال جو واءُ وري .

۶- سوڙهن جمادالاول اربع رات جوان ،
ٿيو ملڪ بقا تي روح روان ،
سانديم سور تنهن جا صب ساهه سنوان ،
لکيو قلم قضا جو ڪين ٽري .

۷- دلڙي روز سڄڻ تو ڪي ساري ٿي ،
"علي محمد" ڪين وساري ٿي ،
تنهن جي محب جدائي ماري ٿي ،
نه ٿي ساعت لوڇ ساهه سري .

هي ڪلام مهتمم هادي درمحمد فقير مهڀاليءَ جي ابدي حياتيءَ ماڻڻ وقت چيو ويو .

ڪلام

مطلع- سائين هـمـل آ مختار مـنـا،
ورِي واڳ وطن تي وار منا.

١- جدا جاني سڳهان مت ڪين گهوڙي،
ويو آ سورن ۾ سهڻا ساه سوڙي،
اکيون روز روئن تنهن جا ٻول پڙهي،
تنهن جي هردم تن ۾ آ تار منا،

٢- تو سان روز ازل کـان پيار اٿم،
تنهن جي ٻره ڪيو بيمار اٿم،
تنهن جي دشمن تي ذادي خار اٿم،
تـوں آن حيدر جـهـو جبدار منا.

٣- اهڙي ڪا نه ڏٺم ڪنهن جي نور ڦلڪ،
هر محفل ۾ خوش خـوب ڪلڪ،
مٺي محبت سان ورِي مرڪي ملڪ،
ڪـل گـوهـر عجب گفتار منا.

۴- تو کي قلندر لعل جو سهارو آ ،
تنهن جو مرشد وڏو دارو آ ،
جنهن جو لوڻ کنبن ۾ نعرو آ ،
ڪري پلڪ ۾ طالب پار مٺا ،

۵- "علي محمد" دل کي ڀور پيا ،
ڪاڏي عيش خوشيون آرام ويا ،
تنهن جي سڪ ۾ سهنا سال ٿيا ،
اميي دلبر ڏي ديدار مٺا .

هي ڪلام فقير محمد سائين رتوديره واري جي لاءِ جيو ڏنو، جنهن لاءِ عاشق الستي صوفي علي محمد فقير سائين جن پنهنجي پاڪ هٿن مبارڪن سان لکيو آهي، "هي ڪلام فقير محمد سائين جي يادگيري لاءِ جيو اٿم پڙهي دعا ڪندا."

ڪلام

مطلع:- سانول سهڻج سڏ وو يار، ڇڏ جان ڪڇون ڇپر ۾ ،

۱- پکوا وال پريت سان سهاڻ، اوڏڙا آئي اڱ وو يار.

۲- ولهڻ واهر تون ڏيهڻ ڏاتر، آڱا اياڻي ڏڏ وو يار.

۳- مهڻون محبت واريون پلا، جڙون منجهه هڏ، هڏ وو يار.

۴- "علي محمد" دلبر دل جا، گهارج گوڏي گڏ وو يار.

ڪلام

مطلع- سانگ ڪري سانگيڙا ، مارو ويا ماڳ متي ،
ويا مان ماڳ متي ، سڪڙا پنهنوار ڏي ،

١- باجهه پرمون آن پولمون ، لاڪٽ جسون لوليون ،
جنهنر گذاريم جن سمن ، ڪيڏن حسن جون هولمون ،
ڪوٽ ڪلمون سون ڪولهيون ، ڏيئي ويا فراق قتي ،

٢- ڪنهن دس دور ويا هٽي ، ڪنوٽن پاس ڪلي ،
وجي تن وساري ويلر ، ويٺن ملڪ وٺي ،
ڪري نت تار تلي ، وڏي آهان سوز ستي ،

٣- سوهه اثر امي سرسا ، ڪاڄ ڪندون بن ڪرما ،
پنهن جي پکن ۾ اهجي ، پيهندس پالا پر سان ،
ملان تم ڏنارن ڏر مان ، قادر قسمد ڪئي ،

٤- "علي محمد" امي آهون ، درد وندي جون دانهون ،
ستي شل ايمهم سچيا ، اوڏ مڻوا ايڏانهون ،
روز ڏسان ڪي راهون ، جهانگي نندا جهتي ،

ڪلام

مطلع سور اٿم ڪيڏا سانگين جو ڳالهه اها ئي ڳاري،
مرض وڌيو دل ماري.

۱- سولهي وڃائي سڀڪا ساري،
جهانگين ڪاڻ جهونگاري.

۲- ڪاڏ ڇوراڪون ڪاڄ نه ڪائيندس،
وطن وڃان ڪيئن وساري.

۳- روح روئي ٿو راتيان ڏينهان،
ٿاڙن جيان ٿس ٿنواري.

۴- ڇڏائي جول جدائيءَ جو،
پيڙيون ڇنديس پساري.

۵- ليڪ ڪڍيون ڪوڻن جون،
شل ڏاڙ ڪنهن نه ڏيکاري.

۶- "علي محمد" ارمان الهيءَ جا،
رلڻ هنجون هٿ هاري.

كلام

مطلع- سهڻي ساهڙ سانءَ، ڀول ڀلا ها تار ترڻ جا.

۱- عشق جلائن ڏني ڏيکاري، سرت سهڻي جي وڃي ساري،
ڀالا نين قبول قرار، سوتو قبلل يار مرڻ جا.

۲- سرڪ پيارس ساهڙ سڪ جي، روح ڇولين ۾ وڃي ڇڪجي،
دلبر جهڙي ديدار، ڪارا دل ۾ وڏس ڳرڻ جا.

۳- درد دکايس دل ۾ دونهان، سور سڄڻ جا ڪهڙس سونهان،
ڪن جدا ڪرڪر، واڳن وارا ڪس ورڻ جا.

۴- قطبعلي "ڀڄ" سچائي، ساهڙ سڪ ۾ ڪهڙس سائي،
مهر ڪس ميهار، قدم پري قرب ڪرڻ جا.

موتو قبل انت موتو- مرڻ کان اڳي مرڻ.

ڪلام

مطلع: سيج پلنگ تي ڪيئن سمهان مان ، ننڊون نيڻ نه ڪن،
ننڊون نيڻ نـــه ڪـن ، راتي ڪاڙ رڙن .

١- ڏکن ڏيلي ڏکايو سرتيون ، ڪاپي اپري اوجاڳن .

٢- نول تسڪائا ڪون ولن تا ، ڏورڙ پاڻيان ٿــي ڏن .

٣- سڪتي ليکوا سور سمهي مان ، سڪن ڏئــــي نيا سن .

۴- گل ڦل باغ ڪوماڻون ڪليون ، آمن پهلا پر لئي وسن .

۵- سوز فراق جي خبر انهن کي ، جو لڳي آهي جــــن .

٦- دردن دود دکايا دل ۾ ، پــڙڪي باهه بدن .

٧- "علي محمد" عشق انهيءَ جا ، ڦـــا الا ڪئين اجهن .

ڪلام

مطلع- غم درد سودا عشق جو، سهڪ سهه تون ساهه ﷲ،
مرد ني منصور جان، رندن واريءَ راهه ﷲ.

١- ڪنڌ اچاي ڪات تي، ڪاهج قتل گاهه ﷲ،
نسي متارو ڌي مڻو، برهه واري ساهه ﷲ.

٢- سانگو نه رک ساهه جو، هنج سر سرواهه ﷲ،
حر نسي حسين جو، سردار جي سپاهه ﷲ.

٣- توحيد جو ترهو ٻڌي، ڏنگي ڇڏ درياهه ﷲ،
ڇرهو ڏسمن لان ني ڇريو ڇاهه. ذڪن جي چاهه ﷲ.

٤- نينهن جو نعرو هڻي، نامها لکهو ني نانهه ﷲ،
مو تو قبل وج مري، محبوب منور ماهه ﷲ.

٥ "علي محمد" آسرو، شافعي شهنشاهه ﷲ،
ونحن اقرب ويجهڙو ٻرين بس پساهه ﷲ.

ڪلام

الم. ڪالھ ڪھڙي اھي ڪالڳل سونسان ،

ٻارڙن جـــون ٻچارون ۔

١- ڪالنگ ڏنھون اھي وصل واڌايون ،

دل ٿي باغ ٿي بھارون ۔

٢- روز ٿتام جن لئي ڀوليون ،

ڦريون اھي سڀ ڦاروڻ ۔

٣- سھر ڪليون سڀ ڏٺم سرھا ،

آيا سوڙي محب ٻھارن ،

٤- "علي محمد" اڄ ڀرين آيا ،

سڄڻ للڏيون تـــ سنوارون ۔

ڪلام

مطلع- ڪر ڪا همت هل هوت ڏي،
سر ساهه جا سانگا سٽي.

۱- ٻڌ ڪيچ ڏي ڪاهي ڪهر،
سڪ سوز جو ڪڻ تون ٿمر،
ايندا اڙين لاهي ڏسر،
ٻنڌڙا جبل جا هل ٻٽي.

۲- چڙ ڀنڀور جا پاڻ تون،
ڪڻ سور منڪتي ساڻ تون،
هلي موجون حسن جون ماڻ تون،
ڏس عشق جو جهولو جهٽي.

۳- اڳ موت کان مرڻو اٿي،
جيئن يار جي ڪرڻو اٿي،
ڌڙ ڌار سر ڌرڻو اٿي،
ڏي ڦرب ۾ ڪنڌڙو ڪٽي،

۴- رک خيال "علي محمد" ڄڪو،
ڪر دور دئي ڪي ڏي ڌڪو،
چڙ مسئلو ڦاڙي ڦڪو،
منهنڙو دنيا ڏهون وڃ مٽي.

ڦڪو مسئلو- بيسود، بيڪار اجايو.

ڪلام

مطلع- ڪري ويا سانگ سفر، سامي سوداگر،
ڪهاريان ڏنهن ڏکيا، آديسين لڳي اهر.

١- جوڳي جوءِ ڇڏي، ڪونڌر منجهه ڪنڌي،
ويا لعل لڏي، چال وهايان تي جر.

٢- ڇڏي ويا ساڳ سڙهيون، هتي ڪهاري کهوٽ کهڙيون،
جن سان جيءُ جڙيون، سي ڏاريلا ڏيهه ڏسر.

٣- جن سان روح رهاڻ، پيلا ڪري ويا پاڻ،
هئي، هئي تن جي هڪاڻ، ڪوڪرن ڪيان ٿي ڪپر.

٤- ٻاٻول ٻسون ٿا ٻور، سناسون جسا سور،
ڏسوا جن جا ڏور، پسان ڪهڙي سي ٻر.

٥- "علي محمد" فقير، داڙي نه ڪر دلگير،
ايندو مديني جو مير، لهندو ڪوهيارل ڪر.

ڪلام

مطلع ڪوئي حال پائي ڪهن سان سور سليان ،
ڏڪا سونڌي سڄڻ سان پري .

۱- ڏاڍا دل ۾ درد جا دود دکن ،
پاڻيان ساعت هڪڙي ڪين سکن ،
مضبوط هُئا اهي ڏاڪا ڏکن ،
سانڍيم ساهه اندر سوغات ڪري .

۲- جڏهن پيوس برهه جا بار پيا ،
سڀ ڪٽرم قبيلا بيزار ٿيا ،
ڪاڏي سنگتي ساٿي يار ويا ،
دل گهٽون ۾ تسي روز گهري .

۳- هن دور دنيا جا ناهه نگهبون ،
عشق سان اصحابي ڪين لکيون ،
ويون حال ماضيءَ جون ڳالهيون اکيون .
ڪيا زهد زهر سڀ ذوق ذري .

۴- "علي محمد" ڪر هاڻي صبر ڪٿي ،
جاڻي راز انهيءَ کي تو هاڪ ڏٺي ،
اها ڳالهه ڏکن جي آهه ڪٿي ،
پڇي پڇرو ڪر سرواز سري .

ڪلام

مطلع- ڪنهن جام پيا سي مستانه ، اٿون عرش مٿي استانه .

۱- پنهنجو آپ پاڻ کي گهراڻ ، ڪري هت ڀيڪ پهانه .

۲- ترڪي ايس تخت هزارو ، ڪنهن شوق وڏي ڇاڻانه .

۳- ليلي خاطر مجنون وانگر ، اڄي ملڪ وسايم ويرانه .

۴- لوڪ ساري جا سرتي سڀاسي ، لسڪين تنڪا تعنسا .

۵- ”علي محمد“ عشق انهرا پر ، ڪيئي دالهه ٿيا ديوانه .

ڪلام

مطلع ڪنهنکي تو ڳولهين ڳوٺ ۾، ٻنهل آهين ٻاڻ وو،

١- ونحن اقـــرب ويجهڙو، رهـهي ڪر رهاڻ وو.

٢- وفي انفسڪم سمجهه تون، وجودي تہ وٿاڻ وو.

٣. يسمع يبصر يـار جـا، اهي اٿئي اهڃاڻ وو.

٤- ڪنت ڪنزا ڪير آ، سا ڳـي سرڙو سڃاڻ وو.

٥- نورن اعلي نور تون، سوج پرهو مهرباڻ وو.

٦- پارس آهين پاڻ تون، عود خزاني ڪاڻ وو.

٧- خفي جلي هن ڪلہ ۾، ڪنهنجي ڪاڻين تو ڪاڻ وو.

٨- لبا ٻائي هن لوڪ ۾، جت وڃايئي جاڻ وو.

٩- "علي محمد" آهي تون سان، هادي هـردم ساڻ وو.

ونحن اقرب اليه من حبل الوريد – مان اوهان کي ساهہ جي رڳن کان بہ وڌيڪ ويجهو آهيان.

وفي انفسڪم افلا تبصرون – ۽ مان اوهان جي اندر ۾ آهيان پوءِ اوهان ڏسو ڇو نٿا.

يسمع يبصر – ٻڌڻ ۽ ڏسڻ.

ڪنت ڪنزا مخفي – آءٌ هيس هڪ ڳجهو يا لڪل خزانو.

ڪلام

مطلع- منور مُنهن اُرِين تنهنجو، ڪلام الله جو ورق آ،
سهڻا سجده ڪرڻ تو کي، مشتاقن جو اصل مرڪ آ.

١- پڙهيا جنهن صحب جي مڪتب، شد مد نمنهن جا نقتا،
ٿيو مدهوش مستي ۾، ڪيو تنهن ترڪ کي ترڪ آ.

٢- پهاڙي عشق محبت جن، اڪر اظهار اعرابون،
ويا پنهنجي پاڻ کان وسري، وڃي ٿيا غرق ۾ غرق آ.

٣- ڪسي اسرار عشق جا، مري منصور ٿيا موتو،
نڪهو ڪها ناز جي نصفن، ڪوڙو تن فرق ۾ فرق.

٤- "علي محمد" حيرت ۾، وڪسي تسبيح پايا تهڙا،
برهه باران آيسو سر تي، مثل جيئن برق ري بروق آ.

بروق - بجلي، وڄ.

ڪلام

مطلع- ماري مارن جو فراق عمر،
ڏکيءَ دل جا ڇڪن ٿا ڇاڪ عمر،

١- سونکي جهانگهيئون جي جهوري آ،
راتيان ڏينهن اندر ۾ لوري آ،
هتي ليد ڪو تسو زوري آ،
ڇڏيم خواب خوشيون خوراڪ عمر،

٢- تنهنجا ويس وڳا پانيان زهر ذريون،
سونکي ڪين وڻن ڇڏيان توڙ ڌرون،
دولهان روز ڏکن ڪريون درد دريون،
جلي جسم ٿيو آ خاڪ عمر،

٣- منهنجا قسمت ڪيا پنهوار پري،
هيءَ ڳالهين ۾ ٿي روز ڳري،
منهنجي سانت تن ريءَ ڪا نه سري،
جاڻي روز ٿو هڪ پاڪ عمر،

٤- *علي محمد* انڊو ڪيست هلي،
مرسل مهر مديني جو مولا علي،
جنهن سان روز ازل ڪان رمز رلي،
وڃندس تاڙيون پڇي تنهنجا تاڪ عمر،

ڪلام

مطلع: سڄڻ رات سارن، ڏوراها ڏهاري،
روئن روز اکيون، سنگهارن کي ساري.

١. نيڻ ڏينهن ڳهترا، جلن جيءَ ۾ جهرا،
اٿيم درد ديرا، ٿئي ڪلڙي ڪوڪاري.

٢. لکن منجهه پيهي، ڪنهن سال وهي،
ڳڻو ٿيو سون ڏيهي، ڏاتر شل نهاري.

٣. منهن ڇها ماندا ٿا، لنب لنب تيها لاٿا،
هت ڪهن جون ٿي ڪاٿا، ساون ۽ سياري.

٤. نڌي مير ڦرجي، آسر پوه پر جي،
مولي اڄ اتر جي، ڪنول ٿيي ڪيڪاري.

٥. "علي محمد" ايندا، ولهون ٿال ويندا،
ڪولي نهي ڪليندا، اسرو ڀتڙي ڀاري.

كلام

مطلع- سونهن مٺڙن مارن جون، روز ملهارون مارن،
روز ملهارون مارن، ڪٿيون دل ڪـــي ڳارن.

۱- سونهن وڇامر ســـڪ ۾، سانگيڙون ڪـــي ساري،
ڪمهن ڏوراهن ڏهـــري، ڏکن وڏي دل ڏاري،
هيءَ روز هنجون هت هاريو، هت سانگيڙا مون سارن.

۲- دور اڏيا تـــن ديـرا، جيءَ ۾ جان تا جهرا،
سال ڪاهي منهنجا ماروئڙا، پڇي ويا ڀڻن تان ڀيرا،
ڏـــيهه ڀنهنوارن ڀـورا، سور سڙيءَ کي ساڙن.

۳- ڏسي هـــي ياڻ پنهون، ڪـــيـي دل ٻاز ٻنهون،
ڏونيئڙن جنـــي ڏک ۾، وار منجهي تمر لٽيون،
ڏسان اهي جهنگ جهڙيون، مارون جتي مال چارن.

۴- "علي محمد" اهي اهندا، ســـون سڄايـــا ٿيندا،
ڪـيـي بندهائي بند مان، نـنـگـڙو نباهـــي نهندا،
ڏيهه واڪايون ڏيندا، واڳون وليهه تي وارن.

ڪلام

مطلع موهنجي مٺڙن مارن جون، ڳالهيون ڪن ياد اچن،
مون نه وسرن سي مٺڙن، ورتيجن جيسا وڇن.

١. نينهن ڪئي آهيان ناقص، ڪو نه پوئتو ڦوڙن ڏس،
وس ڪان ٿي آهيان بيوس، سي به مجبورا منجهن.

٢. هيءَ پيڙوهي بند به بندي، ڪندي ڪيهن دردن وندي،
تن سان ملان آهيان جن سنڌي، مٺڙي ڏڏي آهيان ڏچن.

٣. گهاري مت ڏک جون گهڙيون، ڪاڻي ويندس ڪيڏ ڪڙيون،
جن سان هيم جي جون جڙيون، تن اڄي روڻي اکڙيون ٻچن.

٤. تنهنجا اهي ويس وڳڙا، ڀانءِ زور زهر لڳڙا،
جن سڪ جا ٻڌا انهن سڳڙا، سي چوڙن آ ڪم ڪچن.

٥. "علي محمد" سڪ سانڍي، وڏو ڏرب مارن جي ڪاڙهي،
گهوڙا ڳلن تان ڳاڙهي، وهي سگهڙي ڳنڍ جان سڃن.

ڪلام

مطلع- منهنجي مارن جو ويو آ ملڪ وسي،
اڪڙيون روز رتن، دلڙي ڪنون ڪسي.

١- اهي ويس وڳا ڪين پائيندس، مال نه لوئي ڪون لڄائيندس،
تنهنجا ڳاڃ ادا ڪين ڳائيندس، ڪئي هان وطن وڃڻ جي
طلب تسي.

٢- منهنجا ڏونڱرڙا نيا ڏور اٿم، سوين ساهه اندر ۾ سور اٿم،
ٻري ٻاڪن ڪئي دل ڀور اٿم، تنهنجو سوت منهنجو شل پڪڙا پسي.

٣- تنهنجا ڪوٽ ڪڪڙا ڪل ڪيريندس، دل حلوق تي ڪين هيريندس،
فرمان ازل نه ڦيريندس، جيڪا ڏونئين اهي سونکي ڳالهه ڏسي.

٤- رات خواب ڏٺم آيا مارو مڙي، وئي هان وطن وري ڇانگن
سان ڇڙي،
پڪا ڪرڙ ڪندا ويا ڏوهه ٿڙي، پٽم پار پسيوف وڃي لوڻ لسي.

٥- تنهنجا جهانگيڙا مونکا ڪين جدا، تنهنيون خوب خوشيون
ڪندو غير خدا،
"علي محمد" نرمل نور هدي، پڙي دانهون ڪندا اهي داد رسي.

ڪلام

مطلع. مُهنجي گهورن سان دل گهائي وئين ،
ڏاڍو جادو جانب لائي وئين .

١- ڀري پوشاڪون ڇيريون جاما ،
ڪري خوب حسن جا هل هنگاما ،
ڦتي ڦيريون ڏئي ڦتڪائي وئين .

٢- ماري مست ڪيئي من موهن مرڪي ،
سوز فراق جي ٻاري سرڪي ،
جتي ڄڦين چوٽ چلائي وئين .

٣- ناز نيڻن جا تير تفنگي ،
ڪانئن ڪليجا زابر زنگي ،
سهڻا سيني اندر سٽڪائي وئين .

٤- برهه سڄڻ تنهنجي بيخود ڪيا-ي ،
"علي محمد" بيوس ٿيا-ي ،
ڏاڍا ڏيچ ڏرڀت جا ڀائي وئين .

زابر- زورآور ، ڏاڍو. زنگي-

ڪلام

مطلع. منهنجي دلڙي آ دلگير، وري آ عنايت علي فقير،
روز نهاريان تنهنجون راهون، لٿن وهـائـي نير.

١- وطن وڃڻ جي ڪئي تو تياري، سنگت ڇڏي وئين روئندين ساري،
مل هوت امي هڪواري، محراب پور جا مير.

٢- ڌو عشق جو تو ڳل ڳانو، ٿي پتنگ آڳهن پروالو،
ٻئيو بجاءِ جو تـه بهانو، حق تورڻون لکيل تقدير.

٣- سهڻا راڳ ورڳ جا ڳائي وئين، ڏاڍي عشق جي موج مچائي وئين،
صوفي شهر شهادت پائي وئين، ٿي بيراڳـي تـه بهير.

٤- سير ڪيو تو سر جو سارو، لسنگ هٿي ٿر ليهن جو نعرو،
طبل وڄائي وحدت وارو، هڏي منصوري تـه مدير.

٥- "علي محمد" آ طلب تمامي ؛ ڪمو محبت تنهنجي سست مدامي،
هردم تو سان حيدر حامي ؛ شـامـل شبر و شـبير.

عنايت علي فقير لوناري "محرابپوري" جي ياد ۾ لکيو ويو.

ڪلام

مطلع: موٽ پرديسي يار، ڀڪيوا وطن ڪين وسار.

١- قبل ماضيءَ جون ڇڏ اهي ڳالهيون،
ڪثرت واريون نوڙ دواليون،
هيءَ اندر رک جار.

٢- عرش چلي هت فرش تي آئين،
ڀيري اندر پير پسو سائين،
هالي روح نه زارو زار.

٣- درد فراق جا دود دکائي،
هار ڏکن جا ويلمن گل پائي،
ڏاڍا ٻهڪ اڏيئي بار.

٤- ڀل اوڏاهين اڏري طوطا،
غفلت غم جا پيچي سب بوتا،
لڳون لاتيون ليل و نهار.

٥- ياد "علي محمد" ڪر آهيانو،
ڇڏي رياست فنيءَ روانو،
هتي گوندر ۾ نه گذار.

هيءَ ڪلام فقير سائين جن پنهنجي ظاهري زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ چيو.

ڪلام

مطلع ناز نيڻن جي لٽي ، دلوي ڪنهن ڦٽوري سان ،
ماري جئاريو سو دلعا، ميلا هڻي ساڄور سان .

١- سهڻا صفت ۾ سوبسو ، ويڙهن دام زلفن جا اڏي ،
لک قتيل قاسي مڻا ، گهايو حسن جي گهور سان.

٢- محراب ۾ مرها ٻڌي ، اکين خوبرو خلعت ڏيکي ،
ڄم ڄڻي ڄوڙين ڄرا ، سيرون سوين ڏيڻي سور سان .

٣- مرڪ مٺي مرڪي مٺا، مستن ڏنا محبوب کي ،
مدهوش ٿيا مستي اندر، محفل ۾ ڪل منصور سان .

٤- اهي ڪرشمه اطره اندر، ڪل درد جا دجلا ٿيا ،
جلوه نما جادو ڪري، نازڪ نهوڙهو نور سان .

٥- خوشبو زلف خمدار جي، بيرنگي ڪيا زهري زخم ،
لب لعل "علي محمد" ڪيو، تازو شراب- طهور سان .

ميلا— تير . ساڄور— هوڻڻو، رڳو .
سوبسو— هوبهو . مرها— موڙها .
ڄم— اڪمون دجلا— دجله ندي، درياه

شعر

مطلع: لاڙي دل جي ڪلي، دلدار اڄ ويندو رهيو،
حاصل نه ٿيو دلبر سندو، ديدار اڄ ويندو رهيو.

١- مڪڙين مٺي محبوب کان، ارمان مان ڪئي الوداع،
باغبان روئي ڇڏيو، سينگار اڄ ويندو رهيو.

٢- وڻ خزان جو ويو ڪسي، دل جون خوشيون ڪاڏي ڪئي،
ڇيهڻ، ڇتن جو ڇڄڻو، ڇوڏار اڄ ويندو رهيو.

٣- داغ دل تي لالا گل کي، درد دلبر جي ڪيو،
تير فرقت جو جگر مان، پار اڄ ويندو رهيو.

٤- نرگس نماڻا ناز ٿيو، شبنم شمانا جست هئا،
ساغر صراحيون ۽ بابلا، گلزار اڄ ويندو رهيو.

٥- جن گلن تي سونهن جا، سورج قمر ڪرڻا وڌا،
مدفون ٿياسي منجهه مٽي، چمڪار اڄ ويندو رهيو.

٦- شور غل هر شاخ تي، پرواز پرندن ٿي ڪيا،
ويا جلي جلوه نما، جهنسار اڄ ويندو رهيو.

٧- ويا ستارا سونهن جا، ڪرڻا ڪاڏي ڪلمون،
پونئرن سندو بستان مان، ڀڻڪار اڄ ويندو رهيو.

شمالي- ڪاسهاڻ.

٨- رخ اتــي رومال رنگي ؛ جن رکي ڪيا ٿي روا ،
ابرو عڪس الماس جو ؛ انــور اڄ وهندو رهيو .

٩- سڀ وصل جا واعدا ؛ پاڙيا "علي محمد" ارين ،
آيا اکين عيدون ٿمون ؛ آزار اڄ ويـنـدو رهيو .

ڪلام

مطلع وساري ڇو وڃي ويٺئن ؛ ٻرين پرديس تي پيارا .

١- نه کو آئٽ نه توريءَ سٽ ؛ ٻڌايان سور جي ڇا سٽ ،
ڪري طاسم سڄڻ ونئن ڇٽ ؛ ٿڪيندي رات وڃي تارا .

٢- ڪٿي فــراق دل قارون ؛ درد دم دم ڏيئي ساڙون ،
وڃن ٿمون تن اندر تارون ؛ وهن ٿا نين ڪيو ڌارا ،

٣- ٿهارم سڀ منڊون توڙي ؛ ڪڏهن کنڃي ويهنڊين گوڏي ،
ڏکيءَ کي ڏس ٻرين ڪوڙي ؛ وٺا ڪـ ۽ لنگهي سارا ،

٤- "علي محمد" پـرين ايندا ؛ واڌايون ڏيه، سڀ ڏيندا ،
ڏکيا ڏينهڙا هليا ويندا ، جڏهن سولا ٿيندم ڌارا .

الماس- هيرو . انوار- روشني؛ سوجهرو .

ڪلام

مطلع- وِسِريو ماڪ مڪان ، شاهه حسن اڌيءَ ڏنو ڏيکارو .

١- شاهه حسن جي حد نه ڪائي، ماس هڏون وڏو رڙڪي ڪائي،
صورت ڪري آ حيران ، چشمن جو اهو ڏسي چمڪارو.

٢- ذات صفات جي آهي اولي ، هر صورت ۾ يار ٿو ٻولي ،
ويسو سڀ غير گمان ، سمر ڪيو سي سر جو سارو.

٣- اسم جسم ڪر اربع عناصر ، قلم لکي ڪاڻ ٿيو اٿي ناصر،
نينهن ڪيو آهي نيشان ، طبل وڄايم وحدت وارو .

٤- "علي محمد" خوب ۾ غازي ، بانڪا ڪيڏن برهه جي بازي،
سوري چڙهي سلطان ، نسنگ هڻن ٿا نينهن جو نعرو.

اربع عناصر- مٽي، باهه، پاڻي ۽ هوا .
بانڪا- سورهيه بهادر .

ڪلام

مطلع . وڃين مارو مارُئڙن ۾ ور ، ملندس شال ملير ۾ .

١- قسمت آهي ڪرت ۾ ، وڃي ڏينهن وهايان اير ور ،

٢- ويس وڳا تنهنجا ڪين وٺن ٿا، لوئي اباڻي تير لير ور .

٣- موٽي ويندس ساٿ پنهنجي ۾، اڙدو رکندم ڀير ور .

٤- خوش ٿي کلندس ڪيت سان، ڪاهو پهندس ڪير ور .

٥- رهجي ايندم راڄ ۾ ، سنگهارن سان سير ور .

٦- "علي محمد" ايندا اوڏاهين ، وارث سڀ جا ور ور .

ڪلام

روپ ڪوهياري

مطلع- هتئون هاڙهي هل ڙي ، ملنده جت جبل ٻه ٠

١- ٻري هن تہ پنهور ڪان ؛ پاڻ پنهنجو ڪٿي هل ڙي ،

٢- ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون، سور تہ ٻي ڪنهن سل ڙي،

٣- ڏاڍا ڏاج ڏکن جا ، جيڏيون ڏنا جيجل ڙي ،

٤- مٺا محبوبن جا ، جهولي پائي جهل ڙي،

٥- ٻهل جي ٻرن جي ؛ ڪٿي سنهن کي مل ڙي،

٦- "علي محمد" عجيب جي ، ڪاهه تہ ٻوٽي ڪل ڙي،

ڪلام

روپ جوڳ

مطلع- ياد ڪر تون يار جي عاشق ادا اقرار کي،
ڇا ارين تو کي ڇيو رک گوش ۾ گفتار کي.

١- ڪم ڪري ڇڏ غين کي، ڏس عين ۾ اسرار کي،
سر سلوني ڪر سمجهي، هن ابر جي انوار کي.

٢- عام ڪان آزاد ٿي، تون ڇڏ عسل جي آر کي،
چک زهر جو ذائقو، وٺ ورهه جي واهار کي.

٣- لاذڪروني فرض ٿي، سمجهي اندر رک سار کي،
جو طرف هيڪا ڏسين، هردم حسن هيڪار کي.

٤- حرص ۾ حيران ٿئين، وٺي جيلن جي جار کي،
ڪهن وصل ويٺين وساري، گرهستي گلزار کي.

٥- "علي محمد" اثبات ڪر تون، دل اندر دلدار کي،
ٻانهن ڏي هٿ ۾؛ هميشه حيدر- ڪرار کي.

عسل- ماکي

منقبت

يا قلندر وير وارث واهرو ،
محبوب مرونديءَ مدد ڪر ماهرو ۔

الف:- اول تون آهين ، پيارو پرين الله جو ،
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ ، مدني منور ماه جو ،
تون حسيني ، هاشمي ، آهين سرگروه فقراه جو ،
سيدا سڄي هي سدا ، ڪو فور ڪر پيوله جو ۔

يا قلندر وير وارث واهرو ،
محبوب مرونديءَ مدد ڪر ماهرو ۔

ب:- برابر بادشاهه ، دارين ۾ دلدار تون ،
جن و ملڪ ، عالم ملا ، تنهنجون لکين ڪن زيارتون ،
سيدا سرڪي سڏي ، پيالو پريمي پيار تون ،
صدقي محمد مير جي ، ٻڏو اچي هي تار تون ۔

يا قلندر وير وارث واهرو ،
محبوب مرونديءَ مدد ڪر ماهرو ۔

ت:- تعريف ڪهڙي مان ڪيان، شاهه تنهنجي شان ۾ ،
لعل احمر دريگانو ، تون سردار سيوستان ۾ ،
نورن اعليٰ نور تون ، قادر جيو قرآن ۾ ،
دلبرا درسن ڏيو تان ، تعي جميعت جهان ۾ ۔

يا قلندر وير وارث واهرو ،
